امیراهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي ڪتاب "نيڪي جي دعوت" جي هڪ قسط بنام

# گناهن جا 5 دنياوي نقصان

سنڌي



- قرآن شريف مان شفاعت جو ثبوت
- شفاعت جا 8 قسم
- دُعا قبول نه ٿيندي
- عذاب نازل ٿيڻ جو سبب


شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

**مُحمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي**

دامت برڪاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفکر بيروت)

طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: گناهن جا 5 دنياوي نقصان

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي


مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علام

مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ مان ڪنيل مضمون

# گناهن جا 5 دنياوي نقصان

ترجمو

ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ترانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ:

ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

# گناهن جا 5 دنياوي نقصان [1]

**دعاءِ عطار:** ياربّ المصطفٰي! جيڪو بہ مڪمل رسالو”گناهن جا 5 دنياوي نقصان“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان ڪي هميشہ چڱي ڪم ڪرڻ ۽ بري ڪمن کان بچڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ قيامت جي ڏينهن سيني کان آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت نصيب فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

حضرت ابو المُواهِب شاذلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون کي خواب ۾ جنابِ رسالت مآب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ديدار سان نوازيو ۽ فرمايو: ”توهان قيامت جي ڏينهن منهنجي هڪ لک اُمتين جي شفاعت ڪندؤ.“ مون عرض ڪيو: اي منهنجا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون تي ايتري قدر انعام ۽ اِڪرام ڪيئن ٿيو؟ ارشاد فرمايو: انهيءَ ڪري جو توهان مون تي درود جو هديو پيش ڪندا رهو ٿا. [2]

پڑھتے رہو دُرود و سلام بھائیو! مُدام
فضلِ خدا سے دونوں جہاں کے بنیں گے کام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1 هي مضمون اميراهل سنت جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ مان ڪنيو ويو آهي
2 الطبقات الکُبریٰ للشعراني الجزء الثاني ص 101

## درود واري حڪايت جي ضِمن ۾ ”شَفاعت“ جي باري ۾ مدني گل

### علماء ڪرام شفاعت فرمائيندا

پيارا اسلامي ڀائرو! سُبحٰنَ الله! درود شريف جون به ڇا ته خوب برڪتون آهن! درود واري حڪايت مان هي به خبر پئي ته قيامت جي ڏينهن اهلُ الله (يعني الله وارا) گنهگارن جي شفاعت ڪندا، ياد رهي مطلقاً شَفاعت جو انڪار حڪمِ قرآني جو انڪار ۽ ڪفر آهي، موقعي جي مناسبت سان شفاعت جي باري ۾ نيڪي جي دعوت جا ڪجهه مدني گل اوهان جي اڳيان پيش ڪيان ٿو قبول ڪري پنهنجي دل جي مدني گلدستي ۾ سجائيندا وڃو، اِنْ شَآءَاللّٰه ايمان کي تازگي ملندي ان سان گڏوگڏ ڪيترن ئي وسوسن جي ڪاٽ پڻ ٿي ويندي، شفاعت جي معنيٰ آهي: ”گناهن کان معافي جي سفارش.“ سڀ کان پهريان علماءِ ڪرام جي شفاعت جي باري ۾ هڪ ايمان افروز روايت پڙهو: **حضرت جابر بن عبدالله** رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته **الله پاڪ جي آخري نبي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد دلنشين آهي: (قيامت جي ميدان ۾) عالم ۽ عابد کي آندو ويندو، عابد (يعني عبادت گذار) کي چيو ويندو: جنت ۾ داخل ٿي وڃ ۽ عالم کي چيو ويندو: توهان اجا ترسو ته جيئن ماڻهن جي شفاعت ڪيو، (هي) ان جي عيوض ۾ جو توهان انهن کي ادب سيکاريو.[1]

مجھ کو اے عطّاؔر سُنّی عالموں سے پیار ہے

اِن شاء الله دوجہاں میں میرا بیڑا پار ہے

[1] شعب الايمان ج 2 ص 268 حديث 1717

# جن آيتن ۾ شفاعت جو انڪار آهي ان جي وضاحت

قرآن ڪريم ۾ جن آيتن ۾ شفاعت جي نفي (يعني انڪار) آهي انهن مان هي مراد آهي ته الله تعاليٰ وٽ ڪو به جبراً (يعني زبردستي) شفاعت نٿو ڪرائي سگهي يا غير مسلمن جي شفاعت ناهي يا بت شَفِيع (يعني شفاعت ڪرڻ وارا) نه آهن، مثلاً سيپاري 3 سورة البقرة آيت نمبر 254 ۾ آهي:

يَوۡمٌ لَّا بَيۡعٌ فِيۡهِ وَلَا خُلَّةٌ وَّلَا شَفَاعَةٌ ؕ

**ترجمو ڪنزالايمان:** ان ڏينهن جنهن ۾ نه خريدو فروخت آهي نه ڪافرن جي واسطي دوستي ۽ نه شفاعت.

سيپاري 29 سورة المُدثر آيت نمبر 48 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

فَمَا تَنۡفَعُهُمۡ شَفَاعَةُ الشّٰفِعِيۡنَ ﴿۴۸﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ انهن کي سفارش ڪندڙن جي سفارش فائدو نه ڏيندي.

## قرآن پاڪ مان شفاعت جو ثبوت

جتي قرآن شريف ۾ شفاعت جو ثبوت آهي، اُتي الله پاڪ جي پيارن جي مُؤمنن جي لاءِ "شَفاعت بِالاِذن" مراد آهي يعني الله پاڪ جا پيارا بانها پنهنجي مَحبوبيّت ۽ وجاهت ۽ مرتبي جي سبب الله تعاليٰ جي اجازت سان مؤمنن کي بخشرائيندا، مثلاً سيپاري 3 سورة البقرة آيت 255 ۾ ارشاد ربُّ العِباد آهي:

مَنۡ ذَا الَّذِیۡ يَشۡفَعُ عِنۡدَهٗۤ اِلَّا بِاِذۡنِهٖ ؕ

**ترجمو ڪنزالايمان:** اهو ڪير آهي جو ان وٽ سفارش ڪري ان جي حڪم جي بغير.

سيپاري 16 سورة مريم آيت نمبر 87 ۾ آهي:

لَا يَمۡلِكُوۡنَ الشَّفَاعَةَ اِلَّا مَنِ اتَّخَذَ عِنۡدَ الرَّحۡمٰنِ عَهۡدًا ﴿۸۷﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ماڻهو شفاعت جا مالڪ نہ آهن مگر اهي جن رحمان وٽ قرار (عهد) رکيو آهي.

نیکیاں بِالکل نہیں ہیں نامۂ اعمال میں
کیجئے عطّارؔ کی آکر شَفاعت یارسول [1]

## ڪير ڪير شفاعت ڪندو؟

دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" جلد پهريون صفحي 139 کان 141 تي قيامت جي منظر ڪشي ۾ شَفاعت متعلق تفصيلي مضمون ۾ هي بہ آهي: هاڻي تمام نبي پنهنجي اُمت جي شفاعت فرمائيندا، اولياءِ ڪرام، شهيد، عالِم، حافِظ، حاجي بلڪ هر اهو شخص جنهن کي ڪو ديني مَنصب عنايت ٿيو پنهنجي پنهنجي مُتَعَلِّقِين (يعني واسطيدارن) جي شفاعت ڪندو، نابالغ ٻار جيڪي مري ويا آهن (اهي) پنهنجي والدين جي شفاعت ڪندا، ايستائين جو عالمن وٽ ڪجھ ماڻهو اچي عرض ڪندا: اسان اوهان کي وضو جي لاءِ فلاڻي وقت ۾ پاڻي ڀري ڏنو هو، ڪو چوندو مون اوهان جي اِستِنجاء جي لاءِ پٿر آڻي ڏنو هو، عالم انهن جي بہ شفاعت ڪندا.

حرزِ جاں ذکرِ شَفاعت کیجئے
نار سے بچنے کی صورت کیجئے [2]

---

[1] وسائل بخشش ص ۱۴۲
[2] حدائق بخشش شریف

**شرح ڪلام رضا:** هن شعر ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اي عاشقان رسول! شفاعت مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خوب تذڪرو ڪندا رهو، جڻ ته پنهنجي لاءِ ان ڪي پناهه گاهه جيان بڻائي ڇڏيو جو ”ذڪرِ شفاعت“ آخرت جي ڀلائي ۽ جهنم جي عذاب کان نجات جو وسيلو بڻجي وڃي.

تجھ سا سیاہ کار کون اُن سا شَفیع ہے کہاں!
پھر وہ تُجھی کو بھول جائیں دل یہ ترا گمان ہے[1]

**شرح ڪلام رضا:** هن شعر ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي پاڻ ڪي تواضُع (يعني انڪساري) طور فرمائي رهيا آهن، تون سڀ کان وڏو گنهگار ئي سهي پر تون جنهن پياري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو غلام آهين ان کان وڏو شفاعت ڪرڻ وارو ڪو به نه آهي. انهيءَ ڪري اي منهنجي غمگين دل! تسلي رک! حشر جي ڏينهن شفيعِ محشر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توکي هرگز نه وساريندا.

یارسولَ اللہ! مجرم حاضرِ دربار ہے
تم شہِ ابرار یہ سب سے بڑا عِصیاں شِعار
نیکیاں پلّے نہیں سر پر گُنہ کا بار ہے
یوں شَفاعت کا تِہی سب سے بڑا حقدار ہے[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شفاعت جا اَٺ قسم

مُحقّق عَلَى اِلاطلاق، خاتِمُ المُحَدِّثِين حضرت علامه شيخ عبدالحق مُحَدِّث

---

[1] حدائق بخشش شریف
[2] وسائلِ بخشش ص ۲۲۲

دهلوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه شَفاعت جا قسم بيان ڪندي فرمائن ٿا: ﴿1﴾ شفاعت جو پهريون قسم شَفاعتِ عُظميٰ آهي، جنهن جو نفعو سڀي مخلوق کي ملندو ۽ هي اسان جي محترم نبي، مڪي مدني صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ئي خاص آهي يعني اَنبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُوَالسَّلَام مان ڪنهن ٻئي نبي کي ان تي جُرئت ۽ پيش قدمي جي مَجال نه ٿيندي ۽ هي شفاعت ماڻهن کي آرام پهچائڻ، ميدان محشر ۾ دير تائين بيهڻ کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ، الله پاڪ جي فيصلي ۽ حساب جي جلدي ڪرڻ ۽ قيامت جي ڏينهن جي سختي ۽ پريشاني مان ڪيڻ جي لاءِ هوندي ﴿2﴾ ٻي قسم جي شفاعت، هڪ قوم کي بي حساب جنت ۾ داخل ڪرائڻ جي لاءِ هوندي ۽ هي شفاعت به اسان جي نبي پاڪ صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ ثابت آهي ۽ ڪجهه عالمن جي ويجهو اها شفاعت به حضور انور صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان خاص آهي ﴿3﴾ شفاعت جو ٽيون قسم انهن ماڻهن جي باري ۾ جنهن جون نيڪيون ۽ برايون برابر هونديون ۽ شفاعت جي مدد سان جنت ۾ داخل ٿيندا ﴿4﴾ چوٿين قسم جي شفاعت انهن ماڻهن جي لاءِ هوندي جيڪي دوزخ جا حقدار ٿي چڪا هوندا ته حضورِ پُرنور، شافعِ يومُ النُّشور صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شفاعت فرمائي انهن کي جنت ۾ آڻيندا ﴿5﴾ پنجين قسم جي شفاعت مرتبي ۽ بزرگي جي اضافي لاءِ هوندي ﴿6﴾ ڇهين قسم جي شفاعت انهن گنهگارن جي لاءِ هوندي جيڪي جهنم ۾ پهچي چڪا هوندا ۽ شفاعت جي ڪري نڪري ايندا ۽ اهڙي قسم جي شفاعت ٻيا انبياءِ ڪرام، فِرشتا ۽ شهداء به فرمائيندا ﴿7﴾ ستين قسم جي شفاعت جنت کولڻ جي باري ۾ هوندي ﴿8﴾ اٺين قسم جي شفاعت خاص ڪري مديني منوَّر وارن ۽ مديني جي تاجوَر، سلطان بَحر و بَر

صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي انور جي زيارت ڪرڻ وارن جي لاءِ خصوصي طريقي سان ٿيندي.[1]

حشر میں ہم بھی سیر دیکھیں گے
منکر آج ان سے التجا نہ کرے[2]

شرح ڪلام رضا: منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن شعر ۾ فرمائن ٿا: جيڪي ماڻھو اڄ دنيا ۾ الله پاڪ جي پيارن کي ”بي اختيار“ سمجھن ٿا، قيامت جي ڏينهن اسان به انهن جو خوب تماشو ڏسنداسين جو ڪھڙي طرح بي وسي ۽ بي چيني جي حالت ۾ انبياء ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي پاڪ دربارن ۾ شفاعت جي خيرات وٺڻ جي لاءِ ڌڪا کائي رھيا ھوندا پر ناڪامي جو منهن ڏسڻو پوندو تڏھن ته چيو پيو وڃي.

آج لے ان کی پناہ آج مدد مانگ ان سے
پھر نہ مانیں گے قیامت میں اگر مان گیا[3]

شرح ڪلام رضا: يعني اڄ اختياراتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اعتراف ڪري وٺ ۽ ان جي دامنِ ڪرم جي پناھ ۾ اَچ ۽ ان کان مدد گھر، جيڪڏھن تو ھي ذھن بڻايو ورتو ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي عطا سان مدد نٿا ڪري سگھن ته ياد رک! سياڻي قيامت جي ڏينهن جڏھن الله پاڪ جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شانِ محبوبي ظاھر ٿيندي ۽ تون اختيارات تسليم ڪندي ۽ شفاعت جي صورت ۾ مدد جي خيرات گھرڻ لاءِ پڄندو ايندي ته ان وقت سرڪار نامدار صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نه ”مڃندا“ چو ته دنيا ”دارُ العمل“ (يعني عمل جي

[1] ملخص از اشعة اللمعات ج 4 ص 404
[2] حدائق بخشش شریف
[3] حدائق بخشش شریف

جڳهه) هئي جيڪڏهن اتي مجي ونين ها تہ ڪم تي وڃي ها هاڻي مجڻ ڪم نہ ڏيندو ڇوتہ آخرت دارالعمل ناهي، ”دارُ الجزا“ (يعني دنيا ۾ جيڪو ڪجهہ عمل ڪيو ان جو بدلو ملڻ جي جڳهہ) آهي.

## شفاعت جي اميد تي گناهہ ڪرڻ وارو ڪيئن آهي؟

شَفاعت جي اميد تي گناهہ ڪرڻ وارو ائين آهي جيئن ڪو سنو ڊاڪٽر ملڻ تي زهر کائي يا هڏين جي ماهر ڊاڪٽر ملڻ جي اميد تي گاڏي جي هيٺ پاڻ کي ڪيرائي سڄي بدن جون هڏيون ڀڃائي ڇڏي، ۽ يقيناً ڪو بہ ائين ناهي ڪندو، تنهنڪري هرگهڙي گناهن کان بچندو رهڻ ضروري آهي، شفاعت جي اميد تي الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون نافرمانيون ڪري پاڻ کي عذابِ جهنم جي لاءِ پيش ڪندو رهڻ نهايت خطرناڪ آهي، الله پاڪ جي خُفيہ تدبير کان هر وقت ڊڄڻ گهرجي، جيڪڏهن گناهن جي نحوست سبب ايمان برباد ٿي ويو تہ شفاعت ڪهڙي! خدا جو قسم! هميشہ هميشہ جي لاءِ دوزخ جي ٻڙڪندڙ باهہ ۾ مختلف عذابن کي منهن ڏيڻو پوندو، وَالعِياذُبِالله (الله جي پناهہ) ها بچڻ جي لک ڪوشش باوجود نہ چاهيندي ڪڏهن ڪڏهن انسان گناهن ۾ ڦاسي پوندو آهي، ان کي گهرجي تہ توبہ ۽ اِستِغفار بہ ڪندو رهي ۽ شَفِيعِ مَحشر صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان شفاعت جي خيرات بہ گهرندو رهي.

اے شافعِ اُمم شہِ ذی جاہ لے خبر
مجرم کو بارگاہِ عدالت میں لائے ہیں
اہلِ عمل کو اُن کے عمل کام آئیں گے

لِلّٰہ لے خبر مری لِلّٰہ لے خبر
تکتا ہے بیکسی میں تری راہ لے خبر
میرا ہے کون تیرے سوا آہ! لے خبر[1]

---

[1] حدائقِ بخشش شریف

شرح ڪلام رضا: اي تمام اُمتن جي شفاعت فرمائڻ وارا عزت وارا شهنشاهه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! خدارا! مون گنهگار جي خبر وٺو! اي پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مجرم جي عدالت ۾ پيشي ٿي چڪي آهي، گنهگار غلام نهايت بيڪسي جي عالم ۾ شفاعت جي اميد ڪٽي اوهان (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي تشريف آوري جي انتظار ۾ آهي، يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيشڪ نيڪ ٻانهن جي لاءِ ان جون نيڪيون ڪارائتيون ٿينديون، هاءِ! مون نيڪين کان خالي ۽ مٿي کان پيرن تائين گناهن ۾ لِتڙيل غلام جو اوهان کان علاوه ٻيو ڪير آهي جيڪو شفاعت ڪري جهنم جي عذاب کان بچائي!

تسلّی رکھ تسلّی رکھ نہ گھبرا حشر سے عطّارؔ
ترا حامی وہاں پر آمِنہ کا لاڈلا ہوگا[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ٻيڙي جا مسافر

حضرت نُعمان بن بَشير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته رسولن جي سالار، نبين جي سردار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مشڪبار آهي: الله پاڪ جي حدن ۾ سستي ڪرڻ واري ۽ ان ۾ مبتلا ٿيڻ واري جي مثال انهن ماڻهن جيان آهي جن ٻيڙي ۾ قُرعه اندازي ڪئي ته ڪجهه جي حصي ۾ هيٺ وارو حصو آيو ۽ ڪجهه جي حصي ۾ مٿي وارو، هيٺ وارن ڪي پاڻي جي لاءِ مٿي وارن وٽ وڃڻو پوندو هو، ته انهن زحمت سمجهندي هڪ ڪهاڙي ڪنئي ۽ ٻيڙي جي هيٺين حصي ۾ هڪ شخص سوراخ ڪرڻ لڳو، ته مٿي وارا ان وٽ آيا ۽

[1] وسائل بخشش ص ۱۸۸

چيائون تہ توکي چا ٿي ويو آهي؟ چيائين توهان کي منهنجي ڪري تڪليف ٿيندي هئي ۽ پاڻي جي بغير گذارو بہ ناهي، هاڻي جيڪڏهن انهن ان جو هٿ پڪڙيو تہ ان کي بچائي ورتو ۽ پاڻ بہ بچي ويندا ۽ جيڪڏهن ان کي ڇڏي ڏنو تہ ان کي هلاڪ ڪندا ۽ پنهنجي جان کي بہ هلاڪ ڪندا.[1]

## گناهن جي نحوست ٻين کي بہ پنهنجي وڪڙ ۾ وٺي ڇڏيندي آهي

هن حديث شريف جي حوالي سان مِراٰةُ المَناجِيح ۾ آهي: هن حديث شريف ۾ هڪ مثال جي ذريعي برائي کان روڪڻ ۽ نيڪي جو حڪم ڏيڻ جي اهميت کي واضح ڪيو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي تہ جيڪڏهن هي سمجهي تہ اَمْرٌ بِالْمَعْرُوْف وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر (يعني نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ) جو فريضو ترڪ ڪيو وڃي تہ برائي ڪرڻ وارو پاڻ نقصان ڪٽندو اسان جو ڪهڙو نقصان آهي! تہ اها سوچ ئي غلط آهي، انهيءَ ڪري جو ان جي گناهہ جا اثر سڄي معاشري کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي ڇڏيندا آهن ۽ جيئن ٻيڙي ٽوڙڻ وارو اڪيلو ناهي ٻڏندو، بلڪ اهي سڀ ماڻهو بہ ٻڏندا آهن جيڪي ٻيڙي ۾ سوار آهن انهيءَ طرح برائي ڪرڻ وارن ڪجهہ فردن جو هي جرم سڄي معاشري ۾ ناسور بڻجي ڦهلجندو آهي.[2]

## يا شيخ! اپني اپني ديکھ!

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اُردو چوڻي مطابق ”ياشيخ! اپني اپني ديکھ!“ (يعني هر

---

[1] صحيح بخاري ج 2 ص 208 حديث 2686
[2] مراة المناجيح ج 6 ص 504

کو پنهنجو پاڻ کي سنيالي) جي تحت صرف پنهنجي اصلاح جي فڪر ۾ لڳل رهڻ جي بدران ٻين جي اصلاح ڏانهن بہ توجهه ڏيڻ گهرجي، چوتہ ڪيترائي گناهہ اهڙا آهن جنهن جو نقصان ٻين کي بہ پهچندو آهي مثلاً جيڪڏهن ڪو شخص چوري جو گناهہ ڪري تہ ان شخص کي بہ نقصان ٿيندو جنهن جي شيءِ چرائي وئي آهي، بلڪل ساڳيو ئي معاملو ڌاڙو هڻڻ، امانت ۾ خيانت ڪرڻ، گار ڏيڻ، تهمت لڳائڻ، غيبت ڪرڻ، چغلي هڻڻ، ڪنهن جا عيب کولڻ، ناحق ڪنهن جو مال کائڻ، رت وهائڻ، ڪنهن کي بنا شرعي اجازت جي تڪليف پهچائڻ، قرض دٻائڻ، ڪنهن جي شيءِ ان کي نہ وٽي تڏهن بہ بنا اجازت استعمال ڪرڻ، ماءُ پيءُ کي ستائڻ ۽ بدنگاهي ڪرڻ وغيره جو آهي، هاڻي جيڪڏهن هر هڪ کي انهن گناهن جي اِرتڪاب جي کلي ڇوٽ ڏني وڃي، پوءِ نہ ڪنهن جو مال سلامت رهندو ۽ نہ ئي عزت! بلڪ ائين چوڻ گهرجي تہ اسان جو معاشرو "جانورن جي جهنگل" جو منظر پيش ڪرڻ لڳندو، ڪجهہ گناهہ اهڙا آهن جنهن جي ڪرڻ سان انسان جي عزت کي بہ نقصان پهچندو آهي، مثلاً جيڪو شخص چغل خور يا زاني يا شرابي جي طور تي مشهور ٿي وڃي تہ سيني تي ظاهر آهي تہ معاشري ۾ ان جو مقام ڇا هوندو آهي؟ ۽ ڪجهہ گناهہ اهڙا هوندا آهن جيڪي انسان جي مال کي نقصان پهچائيندا آهن مثلاً جوا کيڏڻ جي عادت پئجي وڃڻ، وياج تي قرض وٺڻ، ڪم ڪار ڪرڻ جي بدران فلمون ڊرامہ ڏسڻ ۾ مشغول رهڻ، ذڪر ڪيل ڪمن ۾ مُلَوَّث ماڻهو مالي طور تي جهڙي طرح ڏينهن رات هڪ ڪري "اُبتي ترقي" ڪندا آهن هي ڪنهن عقل واري کان لڪيل ناهي، انهن تمام دنياوي نقصانن سان گڏوگڏ اهڙي شخص کي اُخروي طور تي بہ خساري (يعني نقصان)

ڪي منهن ڏيڻو پوندو آهي، جيڪو جهنم جي پيانڪ ۽ هولناڪ عذاب جي صورت ۾ پيش اچي سگهي ٿو. (والعِياذُبِاللّٰه)

## گناهن جا پنج دنياوي نقصان

گناهن جي دنياوي نقصانن جي ضمن ۾ دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”نیکیوں کی جزائیں اور گناہوں کی سزائیں“ صفحي 51 تي آهي، حُضُور نبي پاڪ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: اي انسانو! پنج ڳالهين کان بچڻ جي لاءِ پنج ڳالهين کان بچو ﴿1﴾ جيڪا قوم گهٽ توريندي آهي الله پاڪ انهن کي مهنگائي ۽ ميون جي ڪمي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي ﴿2﴾ جيڪا قوم بد عهدي (يعني وعدي خلافي) ڪندي آهي الله پاڪ انهن جي دشمنن کي انهن تي مُسلَّط ڪري ڇڏيندو آهي ﴿3﴾ جيڪا قوم زڪوٰة ادا ناهي ڪندي الله پاڪ انهن تي برسات روڪي ڇڏيندو آهي ۽ جيڪڏهن چوپايا نہ هجن ها تہ انهن کي هڪ قطرو پاڻي جو نہ ڏنو وڃي ها ﴿4﴾ جنهن قوم ۾ فحاشي ۽ بي حيائي ڦهلجي ويندي آهي الله تبارڪ و تعالىٰ انهن کي طاعون[1] جي مرض ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ﴿5﴾ جيڪا قوم قرآن پاڪ جي بغير فيصلو ڪندي آهي الله پاڪ ان کي زيادتي (يعني غلط فيصلي) جو مزو چکائيندو آهي ۽ انهن کي هڪ ٻئي جي ڊپ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي.[2]

## دعا قبول نہ ٿيندي

افسوس! صد ڪروڙ افسوس! اڄڪلهہ مسلمانن ۾ نيڪين جو ذهن

[1] ... طاعون کي انگلش ۾ پليگ (plague) چوندا آهن، ڪوئي کي پِسو (زهريلي جيت) جي چڪ پائڻ جي ڪري هي مُهلِڪ مرض ٿيندو آهي، هن ۾ ڇاتي بغل يا خصين جي هيٺان ڳوڙها تي ويندا آهن ۽ تيز بخار ٿيندو آهي.

[2] قرة العيون ص 392

تمام گهٽ تي ويو آهي بس هر پاسي گناهن جو دور هلي رهيو آهي، نيڪي جي دعوت ڏانهن ڪا خاص رغبت ناهي رهي، اچو! هڪ عبرتناڪ روايت پڙهو ۽ پنهنجي پاڻ کي عذاب الٰهي کان ڊيڄاريو، جيئن تہ سرڪار مدينہ، سُرور قلب و سينہ صَلَّی اللہ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان باقرينہ آهي: قسم آهي ان جي جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي يا تہ توهان سٺي ڳالھ جو حڪم ڪندؤ ۽ بري ڳالھ کان منع ڪندؤ يا الله تعالٰي توهان تي جلد پنهنجو عذاب موڪليندو پوءِ اوهان دعا ڪندؤ ۽ توهان جي دعا قبول نہ ٿيندي[1].

هن حديث پاڪ جي حوالي سان مِراٰۃُ المَناجِیح ۾ آهي: اَمْرٌبِالْمَعْرُوْفِ وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر (يعني نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ) جي ذميداري کان ٽٽائڻ ڪيڏو وڏو جرم آهي هن حديث شريف ۾ نهايت وضاحت سان هن جو بيان آهي، رسول اڪرم صَلَّی اللہ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: يا تہ توهان کي هي فريضو انجام ڏيڻو پوندو يا الله پاڪ جي عذاب کي منهن ڏيڻو پوندو ان کان پوءِ جيڪڏهن دعا ڪندؤ تہ قبول نہ ٿيندي، هي نهايت سخت قسم جي وعيد (يعني سزا ڏيڻ جي ڌمڪي) آهي يعني جيستائين توهان پنهنجي ڪوتاهي جو اِزالو (يعني ان کي پري) نہ ڪندؤ الله پاڪ کان معافي نہ گهرندؤ توهان جي دعا قبول نہ ٿيندي.[2]

دے ذُھن مجھ کو نیکی کی دعوت کی مولیٰ

مچادوں میں دھوم اُن کی سنّت کی مولیٰ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ترمذي ج 4 ص 69 حديث 2176

[2] مراة المناجيح ج 6 ص 505

## مان گناهن جي وادين ۾ گم هيس

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ بڻجڻ ۽ گناهن کان بچڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ هن زماني ۾ دعوت اسلامي جو ديني ماحول ڪنهن نعمت کان گهٽ ناهي، اڄ جي گناهن ڀري ماحول ۾ پلڻ وارا وڏا وڏا مجرم ديني ماحول ۾ اچي اَلحَمدُلله سنتن تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي ويا، اچو! هن ضمن ۾ هڪ ”مدني بهار“ ٻڌون ٿا، جيئن تہ گجرات (پنجاب پاڪستان) جي رهندڙ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو پيش ڪيان ٿو: دعوت اسلامي جي ديني ماحول کان وابستہ ٿيڻ کان اڳ مان گناهن جي وادين ۾ گم هيس، غفلت جي اونداهين مون کي دين کان عملي طور ايتري قدر ڀري ڪري ڇڏيو هيو جو نماز ۽ روزي جي ڪجھ پرواھ نہ هئي، هڪ ڏينهن جڏهن حسبِ معمول هڪ قاري صاحب گهر ۾ مون کي قرآن پاڪ پڙهائڻ آيو تہ ان وقت مان T.V تي ڊرامو ڏسڻ ۾ مصروف هيس، مون چيو: قاري صاحب! اوهان تشريف رکو مان ڊرامو ڏسي هاڻي اچان ٿو، بس ٿورو ئي رهيو آهي. قاري صاحب جو حوصلو بہ ڪمال هو، ڌڙڪا ڏيڻ بدران نهايت ئي شفقت سان انفرادي ڪوشش ڪندي انهن مون کي دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل رسالي”ٽي وي جون تباھ ڪاريون“ پڙهي ڪري ٻڌايو، رسالو ٻڌي نهايت ندامت ۽ شرمندگي مون تي غالب آئي ۽ مان خوف خدا کان ڏڪي ويس! قاري صاحب جي نصيحت تي عمل ڪندي مون جڏهن پنهنجي گذريل زندگي جو اِحتِساب ڪيو تہ منهنجي دل روئڻ لڳي تہ افسوس صد هزار افسوس! مون پنهنجي زندگي جو ايڏو وڏو حصو فُضُوليات ۽ لَغوِيات ۾ گذاري ڇڏيو ۽ مون کي ان جو احساس بہ نہ ٿيو! اَلحَمدُلله مون سچي دل سان توبہ ڪئي ۽ پڪو ارادو ڪيو تہ

آئنده ان شاءَ الله گناهن کان بچندو رهندس نماز جي پابندي ڪندي سنتن پري زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪندو رهندس ۽ الله ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نافرماني، ڪوڙ، غيبت چغلي ۽ وعدي خلافي وغيره وغيره کان بچندو رهندس، اَلحَمدُلِله دعوت اسلامي جي مشڪبار ديني ماحول منهنجي قسمت بدلي ڇڏي ۽ مون جهڙو بگڙيل انسان بہ سڌرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳو، الله پاڪ کان دعا آهي اسان کي ديني ماحول ۾ اِستِقامت عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

تُو نرمی کو اپنانا جھگڑے مٹانا — رہے گا سدا خوشنما مَدَنی ماحول
تُو غصّے جھڑکنے سے بچنا وگرنہ — یہ بدنام ہو گا ترا مَدَنی ماحول[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب — صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## انفرادي ڪوشش ڪرڻ سنت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هن مدني بهار ۾ انفرادي ڪوشش ڪرڻ ۽ دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جو رسالو"ٽي وي جون تباھ ڪاريون" پڙهي ڪري ٻڌائڻ جي برڪت جو بيان آهي، اسان سڀني کي بہ گهرجي تہ موقعو ملڻ تي انفرادي ڪوشش جي ذريعي نيڪي جي دعوت جي ترڪيب ڪيون، يقيناً انفرادي ڪوشش جي ذريعي نيڪي جي دعوت ڏيڻ اسان جي مني مني آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سنّت آهي ۽ بي شمار حديثون ان تي دال (يعني دليل) آهن.

---

[1] وسائلِ بخشش ص ۲۰۴

# مدني بيگ ۽ لنگر رسائل

بيان ڪيل مدني بهار ۾ ”تي وي جون تباهہ ڪاريون“ رسالي جو ذڪر آهي جڏهن قاري صاحب پنهنجي شاگرد کي هي رسالو پڙهي ٻڌايو تہ ان کي توبہ جي سعادت نصيب ٿي ۽ نمازي بڻجي ويو ۽ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويو، جنهن جنهن اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کان ٿي سگهي تہ هڪ ”مدني بيگ“ خريد ڪن ۽ ان ۾ مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل رسالا، سنتن ڀري بيان جون ڪيسٽون وغيره رکن، بيشڪ سڄو ڏينهن نہ سهي صرف موقعي جي مناسبت سان مدني بيگ پاڻ سان گڏ هجي ۽ رسالا وغيره ٻين کي تحفي ۾ ڏنا وڃن، موقعي جي مناسبت سان ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ بعض کي صرف پڙهڻ جي لاءِ ڏيو جڏهن اهو پڙهي موٽائي ڏي تہ ٻيو رسالو پيش ڪيو ائين ڪيسٽ ۽ وڏن ڪتابن جي بہ ترڪيب ڪري سگهجي ٿي، ائين ڪرڻ سان اوهان بي حساب ثواب ڪمائي سگهو ٿا پر هي سڀ پنهنجي جيب مان هجي ان جي لاءِ چندو نہ ڪيو وڃي. ۽ جشن ولادت جي موقعي تي يا پنهنجي مرحوم عزيزن جي ايصال ثواب جي لاءِ مختلف موقعن تي لنگر رسائل جي ترڪيب بہ فرمايو، درس ۽ اجتماع ۽ مدني مشورن ۾ ۽ ايصال ثواب جي مجلسن ۾ مڪتبة المدينہ جا مدني رسالا وغيره ورهائي ڪري خوب خوب نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ڪمايو.

بانٹئے مَدَنی رسائل مَدَنی بیگ اپنایئے

اور حقدارِ ثوابِ آخِرت بن جایئے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِیْب    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عذاب نازل ٿيڻ جو سبب

دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي ترجمي واري پاڪيزه قرآن ”كنزالايمان مع خزائنُ العِرفان“ جي سيپاري 9 سورة الانفال آيت نمبر 25 ۾ الله ربُّ العِباد ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اتَّقُوْا فِتْنَةً لَّا تُصِیْبَنَّ الَّذِیْنَ ظَلَمُوْا مِنْكُمْ خَآصَّةً ۚ وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ شَدِیْدُ الْعِقَابِ ﴿۲۵﴾

**ترجمو كنزالايمان**: ۽ ان فتني کان ڊڄندا رهو جيڪو هرگز توهان مان ظالمن کي ئي خاص طرح نہ پهچندو، ڄاڻي ڇڏيو تہ الله جو عذاب سخت آهي.

صَدرُالاَفاضِل حضرت علامہ مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت جي حوالي سان فرمائن ٿا: جيڪڏهن اوهان ان کان ڊپ نہ ڪيو ۽ ان جا اسباب (يعني ممنوعات) ترڪ نہ ڪيا ۽ اهو فِتنو نازل ٿيو تہ ائين نہ ٿيندو تہ ان ۾ خاص ظالم ۽ بدڪار ئي مبتلا ٿين، بلڪ اهو (فتنو) نيڪ ۽ بد سڀني کي پهچندو، حضرت ابن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمايو تہ الله پاڪ مؤمنين کي حڪم فرمايو تہ اهي پنهنجي وچ ۾ ممنوعات نہ ٿيڻ ڏين يعني پنهنجي وس ۽ اختيار مطابق برائين کان روڪن ۽ گناهہ ڪرڻ وارن کي گناهہ کان منع ڪن، جيڪڏهن انهن ائين نہ ڪيو تہ عذاب انهن سڀني کي عام ٿيندو، خطاڪار ۽ غير خطاڪار سڀني کي پهچندو.[1] حديث شريف ۾ آهي سيدعالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ الله پاڪ مخصوص ماڻهن جي عمل تي عذاب عام ناهي ڪندو جيستائين عام طور تي ماڻهو ائين نہ ڪن جو ممنوعات پنهنجي وچ ۾ ٿيندا ڏسندا رهن ۽ انهن کي

---

[1] تفسير طبري ج 6 ص 217 رقم 15923

روڪڻ ۽ منع ڪرڻ تي قادر هجن ۽ ان جي باوجود ان کي نہ روڪين، نہ وري منع ڪن جڏهن ائين ٿيندو آهي تہ الله پاڪ عذاب ۾ عام ۽ خاص سڀني کي مبتلا ڪندو آهي.[1] "ابوداؤد" جي حديث ۾ آهي تہ جيڪو شخص ڪنهن قوم ۾ نافرمانين ۾ مبتلا هجي ۽ ماڻهو قدرت باوجود ان کي نہ روڪين تہ الله پاڪ مرڻ کان پهريان انهن کي عذاب ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي.[2] هن مان خبر پئي تہ جيڪا قوم نَھْیٌ عَنِ الْمُنْکَر (يعني برائي کان منع ڪرڻ) ترڪ ڪندي آهي ۽ ماڻهن کي گناهہ کان ناهي روڪيندي، اها پنهنجي انهيءَ فرض کي ڇڏڻ جي ڪري عذاب ۾ مبتلا ٿيندي آهي.

## نيڪ شخص بہ عذاب ۾

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ ڪلهہ مسلمانن جو هڪ وڏو تعداد روحاني، جسماني، سماجي ۽ معاشي وغيره طرح طرح جي پريشانين جو شڪار آهي، ڪٿي نيڪي جي دعوت ترڪ ڪرڻ سبب هي حال تہ ناهي؟ اوهان پاڻ پرهيزگار ۽ نيڪو ڪار ئي سهي پر ٻين کي نيڪي جي دعوت نٿا ڏيو ۽ قدرت جي باوجود گناهن کان نٿا روڪيو، عام مسلمان بلڪ پنهنجي گهروارن کي برائين ۾ مبتلا ڏسي دل نٿي سڙي تہ هن حديث شريف کي بار بار پڙهو ۽ پاڻ کي عذاب الٰهي کان ڊيڄاري نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃو، جيئن تہ سرڪار مڪہ مڪرمہ، سردار مدينہ منوره صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: الله پاڪ حضرت جبرائيل عَلَیْہِ السَّلَام کي حڪم فرمايو: فلاڻي شهر کي ان جي رهڻ وارن سميت تباهہ ڪري ڇڏ، حضرت جبرائيل عَلَیْہِ السَّلَام عرض ڪيو: اي رب ڪريم! انهن

[1] شرح السنه للبغوي ج 7 ص 358 حديث 4050
[2] ابوداؤد ج 4 ص 164 حديث 4339

ماڻهن ۾ تنهنجو هڪ فلاڻو نيڪ ٻانهو بہ آهي جنهن اک ڇنڀ جي برابر بہ تنهنجي نافرماني ناهي ڪئي، اللّٰہ پاڪ فرمايو: اَقْلِبْهَا عَلَيْهِمْ فَاِنَّ وَجْهَهٗ لَمْ يَتَمَعَّرْفِيَّ سَاعَةً قَطُّ يعني شهر ان تي اونڌو ڪيو، ڇوتہ ان جو چهرو منهنجون نافرمانيون ڏسي ڪري ڪڏهن مُتَغَيَّر (يعني تبديل) ناهي ٿيو.[1]

## معاشرتي برائين جي ڪري
## پريشان ٿيڻ ايمان جو تقاضو آهي

هن حديث شريف جي حوالي سان مِراٰةُ المَناجِيح ۾ آهي: هن حديث شريف مان واضح ٿيو تہ جتي **اعمالِ صالحہ** (يعني نيڪين) سان تعلق ۽ برائين کان بچڻ ضروري آهي، اُتي دين ۽ ملت جي خلاف سازشن ۽ مسلمانن تي ظلم و ستم ۽ معاشرتي بگاڙ جي ڪري پريشان ٿيڻ بہ ايمان جو تقاضو آهي، جيڪي ماڻهو اللّٰہ پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ معاشرتي برائين جي خاتمي جي لاءِ ڪوشش نٿا ڪن ۽ طاقت نہ هئڻ جي صورت ۾ ان تي پريشان بہ نٿا ٿين، انهن جي تقويٰ ڪهڙي ڪم جي! تنهنڪري پنهنجي اصلاح ۽ عبادتِ خداوندي ۾ مشغوليت سان گڏوگڏ ملڪ و ملت ۽ دنيا جي مسلمانن جي زبون حالي جي خاتمي ۽ معاشري کي غير شرعي ڪمن ۽ فعلن کان پاڪ ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي.[2]

## نيڪ ماڻهن جي هلاڪت جو سبب

**پيارا اسلامي ڀائرو!** جيڪي پاڻ نيڪين جا حريص هوندا آهن، وقت

---

[1] شعب الايمان ج 6 ص 97 حديث 7595
[2] مراة المناجيح ج 6 ص 516

جي پابندي سان باجماعت نماز پڙهندا آهن، پر ڏاڙهي ڪوڙ، ماڊرن دوستن جي صحبتن کان پاسو ڪرڻ بدران صرف نفس جي مزي خاطر انهن جي ڪچهرين جي رونق بڻجندا، انهن جي غير محتاط ۽ گناهن ڀري ڳالهين ۾ جيتوڻيڪ چُپ رهندا پر دل ئي دل ۾ لطف ماڻيندا آهن، ۽ ظاهر آهي ته نفس کي مزو نه اچي ته اهڙن سان ڇو دوستيون نڀائن ها! هاڻي جيڪا روايت پيش ڪئي پئي وڃي اها اهڙن ماڻهن جي لاءِ نصيحت ۽ عبرت جو نمونو آهي جيئن منقول آهي: الله پاڪ حضرت يُوشَع بن نون عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام تي وحي موڪلي ته اوهان جي قوم جا هڪ لک ماڻهو عذاب کان هلاڪ ڪيا ويندا جن مان چاليهه هزار نيڪ آهن ۽ سٺ هزار بد آهن. پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام عرض ڪيو: يا رب! بد ڪردارن جي هلاڪت جي وجهه ته ظاهر آهي پر نيڪ ماڻهو ڇو پيا هلاڪ ڪيا وڃن؟ ارشاد فرمايو: ”هي نيڪ ماڻهو به انهن بدڪردارن سان گڏ کائيندا ۽ پيئندا هئا، منهنجون نافرمانيون ۽ گناهه ڏسي ڪڏهن انهن جي چهري تي ناگواري جو اثر تائين ظاهر نه ٿيندو هيو.“ [1]

## پنهنجي دل ۾ برو ڄاڻو

دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينه جي ڪتاب ”جنت ميں لے جانے والے اعمال“ صفحي 595 تي آهي حضرت ابوسعيد خُدري رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي ته حُضُور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: توهان مان ڪو جڏهن ڪنهن برائي کي ڏسي ته ان کي گهرجي ته برائي کي پنهنجي هٿ سان بدلي ڇڏي ۽ جيڪو پنهنجي هٿ سان بدلڻ جي اِستِطاعت (يعني قوت) نه رکي ان کي کپي ته پنهنجي زبان سان

[1] شعب الايمان ج 7 ص 53 حديث 9428

بدلي ڇڏي ۽ جيڪو پنهنجي زبان سان بدلڻ جي اِستِطاعت نہ رکي ان کي گهرجي تہ پنهنجي دل ۾ برو ڄاڻي ۽ هي ڪمزور ترين ايمان جي علامت آهي.[1]

## ڇا اسان دل ۾ برو ڄاڻون ٿا؟


پيارا اسلامي ڀائرو! پنهنجي ضمير کان سوال ڪيو تہ ڪنهن کي گناھ ڪندي ڏسي هٿ يا زبان سان روڪڻ ۾ پاڻ کي لاچار هجڻ جي صورت ۾ ڇا اوهان دل ۾ برو ڄاڻيو؟ صد ڪروڙ افسوس! ٻارن جي ماءُ ماني پچائڻ ۾ دير ڪري، ڪاڏي ۾ لوڻ تيز ٿي وڃي، پٽ اسڪول جي موڪل ڪري تہ ضرور برو لڳندو آهي پر گهروارن جون روزانو پنج نمازون قضا ٿي رهيون آهن تہ نِراڙ تي گُهنج جو نشان بہ نہ پوي، انهن کي سمجهائڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪئي وڃي، حالانڪ جيڪڏهن ٻار ڏهہ سال جو ٿي وڃي ۽ نماز نہ پڙهي تہ پيءُ تي واجب آهي تہ مار ڪُٽ ڪري بہ پڙهائي، نہ تہ گنهگار ۽ عذابِ نار جو حقدار ٿيندو، اوهان ئي ٻڌايو ڇا اوهان جي هي عادت درست آهي مثلاً محڪوم اولاد جي برائي ڏسي حاڪم (يعني والد) هٿ سان بدلي، عالم زبان سان بدلي، جنهن کي هي ٻئي قدرتون حاصل نہ آهن اهو گهٽ مان گهٽ دل ۾ تہ برو ڄاڻي، پر هاڻي اهڙو ذهن ڪنهن جو رهيو آهي! اوهان سوچيو! مثلاً ميوزڪ وڄي رهيو هجي، بيشڪ روڪڻ تي قدرت ناهي پر ڇا هي دل ۾ ڪٽڪي رهيو آهي؟ ڇا اوهان ان کي برو محسوس ڪري رهيا آهيو؟ جي نہ، انهي ڪري جو پنهنجي موبائل ۾ مَعَاذَالله "ميوزيڪل ٽون" موجود آهي! ھِ شخص گهٽي ۾ گارگند ڪري رهيا آهن، برو لڳو؟ جي نہ، ڇو؟

---

[1] صحيح مسلم ص 44 حديث 49، سنن النسائي ص 802 حديث 5018

انهيءَ ڪري جو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي وات مان به مَعَاذَالله گار نڪري ئي ويندي آهي، فلاڻي ڪوڙ ڳالهايو، اوهان تي ناگوار گذريو؟ جي ها، انهيءَ ڪري جو منهنجو ذاتي نقصان ٿيو، باقي الله پاڪ جي رضا جي لاءِ برو ڪيئن لڳندو جو پنهنجي زبان مان به مَعَاذَالله ڪوڙ نڪري ئي ويندو آهي، هي مثال صرف چوٽ ڪرڻ جي لاءِ آهن نه ته گهٽن جي حالت هي به آهي پنهنجي فون ۾ ميوزيڪل ٽون ناهي، گار ۽ ڪوڙ جي عادت ناهي، پوءِ به دل ۾ برو ڄاڻڻ جو ذهن ناهي، جيڪڏهن رضاءِ الٰهي جي لاءِ حقيقي معنيٰ ۾ برائيءَ کي دل ۾ برو ڄاڻڻ جي سوچ بڻجي وڃي، ڪڙهڻ جي عادت بڻجي وڃي ته معاشري ۾ اصلاح جو دور اچي وڃي، چوته جڏهن اسان برائين کي دل سان برو سمجهڻ ۾ پاڻ پڪا ٿي وينداسين ته ٻين کي سمجهائڻ به شروع ڪنداسين ۽ اِنْ شَآءَاللّٰه هر طرف سنتن جي بهار اچي ويندي ۽ نيڪي جي دعوت جي ڌوم مچي ويندي، الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي ۽ اسان کي عقل سليم ڏي ته اسان به خوب خوب نيڪي جي دعوت ۽ آقا صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت جي ڌوم مچائڻ وارا بڻجي وڃون.

## ايندڙ هفتي جو رسالو




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net